اياز جاني

# خليفي گل محمد ”گل“ هالائيءَ جي غزل جون خصوصيتون

***Abstract***

*This is the research paper on the life and his creative activity, which is unique and worth praise worthy in the field of classical period of Sindhi poetry; of the popular poet, Kalifo Gul Muhamamd 'Gul' of Hala. He is considered the first and prominent poet of Ghazal, the popular kind of classical poetry.*

*His poetry has also been compared in nutshell with the other Ghazal practicing poets of the same era.*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**عربن** جي اوائلي معاشرتي، تهذيبي ۽ شعوري زندگي اجتماعي طور تي بدحال ضرور هئي، پر منجهن انفرادي سطح تي ڪي چڱايون موجود هيون. انهن مان هڪ هئي معاشري ۾ رزميه شاعريءَ جي سرگرمي جا پنهنجي پوري جوش سان موجود هئي. هر قبيلي وٽ پنهنجا شاعر هئا، جيڪي قبيلي جي ويڙهاڪن جي ساراهه ۾ قصيدا چوندا هئا، جنهن ڪري منجهن اهڙو ته جوش جاڳندو هو، جو دشمن قبيلي سان سر تريءَ تي رکي وڙهندا هئا. ان ڪري اها حقيقت آهي ته عرب قوم جي ويڙهاڪ قبيلن جي واڳ شاعرن جي هٿ ۾ هوندي هئي، جيڪي قصيدي ذريعي منجهن مهمان نوازي، سخاوت، سچائي ۽ قبائلي غيرت پيدا ڪرڻ جي عمل ۾ رڌل هئا.(1)

عربي اساسي شاعريءَ جي انهيءَ بنيادي صنف قصيدي جَي تمهيدي حصي کي ”تشبيب“ چيو ويو آهي. هي قصيدي جو اهو حصو هو، جنهن ۾ عرب شاعر عام رواج موجب عورتن جي حسن ۽ شباب، عشق۽ محبت جي لطف ۽ نزاڪتن بابت شعر چوندا هئا. ”ڪثير“، ”قيس ذريح“ ، ۽ ”مجنون بني عامر“جي تشبيب ۾ عشق ۽ محبت جي پرڪيف نظارن جو پرپور بيان ملي ٿو، ۽ خاص ڪري امراء القيس ۽ زهير بن سلميٰ جي قصيدن ۾ عورت ۽ شراب جو ذڪر ڪثرت سان ملي ٿو. ان حوالي سان گهٽو ممڪن هو ته عرب جي ريگستاني سرزمين تي شاعريءَ جو هڪ نئون ۽ نرمل گهاڙيٽو ”غزل“ وسڻ جا ويس ڪري ها، پر ائين ٿي نه سگهيو، ڇاڪاڻ ته عرب معاشرو حقيقي سطحن تي اجا فطرت جي موهه ۽ مجاز کان ٿهيل معاشرو هو، ۽ غزل جي ايجاد جو ڪو ٻيو سبب نه هو،

سواءِ ان جي تہ فتنہ پرور سماج ۾ رومانوي فضا پيدا ٿئي. ايران ۾ اسلامي حڪومت قائم ٿي تہ، غزل پنھنجا مذماتا نيڻ اتي کولڻ قبوليا. شايد تہ غزل جھڙي ڪومل ڪلا کي بہ عرب جي لوساٽيندڙ لُڪ جو اندازو ھو، جنھن ڪري غزل ايران جي گُلن ڦلن سان جِھنجھيل ۽ من موھيندڙ آبھوا کي پنھنجي وجود جو ھڳاءُ بخشيو ۽ اھو تخليقي رتبو ايران جي اساسي شاعر ابو عبدالله جعفر ابن محمد رودڪي (858ع-941) کي حاصل ٿيو. رودڪي اڳ ۾ تہ قصيدي جي عربي روايت ۽ ماحول کي جيئن جو تيئن اختيار ڪيو ۽ ڪيترائي قصيدا لکيا، پر جلد ئي پنھنجي رومانوي طبعيت جي ڪري تشبيب واري حصي کي قصيدي کان ڌار ڪري "غزل" جو بنياد وڌو. رودڪيءَ کي ايران جي اساسي ادب جو بانيڪار، ۽ جديد فارسي ادب جو "عظيم ادبي جينئيس" ڪري مڃيو وڃي ٿو.

ايران جي رودڪي ۽ سنڌ جي خليفي گل محمد "گل" ۾ اھم ھڪجھڙايون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون : رودڪي فارسي شاعريءَ ۾ غزل جي شروعات ڪئي، ۽ عربي علم عروض جي قائدن مطابق فارسيءَ ۾ پھريون ديوان ترتيب ڏنو، ساڳيءَ ريت خليفو گل محمد "گل" سنڌي غزل جو پھريون صاحبِ ديوان شاعر آھي، جنھن "ديوان گل" ذريعي سنڌي غزل جي نہ رڳو باضابط شروعات ڪئي، پر سڄي عمر سنڌي غزل تي طبع آزمائي ڪئي. (2) ان لحاظ کان خليفي "گل" کي بجا طور تي "سنڌ جو رودڪي" چئي سگھجي ٿو.

ڪلھوڙن جي دور ۾ جڏھن عظيم صوفي شاعرُ شاھ لطيف (1689ع-1752ع) پنھنجي بيتن ۽ واين جي آڌار تي سنڌ جي ڏتڙيل عوام جي وجود جي نئين سر تعمير ڪندي، مڪاني حڪمرانن جي اقتداري روش، ڳيجھو فطرت ۽ فارسي ٻوليءَ جي تسلط جي خلاف مزاحمت ڪري رھيو ھو، تڏھن نور محمدخستہ ٺٽائي، اويس شڪارپوري، ميان چَتن ٺِٽائي، مرزا تقي ۽ حافظ عالي ميمڻ فارسي علم عروض مطابق سنڌي غزل لکڻ جي ڪوشش ڪري رھيا ھئا. سندن شاعريءَ جو زمانو 1717ع جي ويجھڙائيءَ وارو ٻڌايو ويو آھي.(3)

ادبي تاريخ جي عالمن، ھڪ فارسي آميزش واري سنڌي غزل جي بنياد تي نور محمد "خستہ" ٺٽائيءَ کي سنڌي غزل جو پھريون شاعر ۽ ڪجھ ڪافي نما غزلن جي بنياد تي حضرت سچل سرمست کي "غزل جو ابو" مڃيو آھي. ڊاڪٽر اياز قادري لکي ٿو : "وزن،رديف،قافيو،۽ لفظن جي جوڙ جڪ ڏسي، ھن ڳالھ جوقائل ٿيڻو پوي ٿو، تہ سرمست سچل، غزل جو موجد آھي، ۽ ھن سنڌي شعر کي ھڪ نئين دنيا سان آشنا ڪيو آھي."(4) بھرحال سچل سرمست جو غزل ھيئت جي لحاظ کان ابتدائي غزل جو مڪمل نمونو آھي، جنھن کي نظرانداز نٿو ڪري سگھجي، اھا ٻي ڳالھ آھي تہ نئين ٿھيءَ جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ناليري محقق ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ پنهنجي ڊاڪٽريٽ جي مقالي "سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر" (2011ع) ۾ سچل جي غزل کي يڪسر نظرانداز ڪيو آهي !

عاشق ڏسڻ ۾ آيو محبوب گل سناسي،
عبرت عجب عجائب اسرار رنگ عباسي.
ثابت سچل سچاري، يارن جي ياد ياري،
وحدت جنين وساري، تن تن مٿي اٽاسي.
آهي انهن اکين کي خاصو خمار تنهنجو،
ويٺو وٺي مان آهيان، ڪامل قرار تنهنجو.
چاهئون ٿيو اوهان جو، دامن لڳو جو آهي،
سچو غلام ڄاڻج، جو داغدار تنهنجو.

سچل سائين جي صحبت کان پوءِ غزل جهڙي نازڪ ۽ بيقرار صنف کي خليفي "گل" جي تخيّل ۾ سڪون ۽ اطمينان نصيب ٿيو. ٽالپرن جي شروعاتي دور ۾ خليفي گل محمد "گل"هالائي (1808ع- 1855ع) هالا پراڻن جي سانوٽي آخوند ولي محمد جي گهر ۾ اکيون کوليون. جڏهن عشق جي دار تي چڙهيو تہ سندس دل هالا تعلقي جي کيبرن ڳوٺ ۾ ڌڙڪڻ لڳي، جتي سندس مجازي نينهن جي پوتر دنيا آباد هئي(5) :

لوحَ منهنجي تي لکئو،ڪاتبَ ازل جي تنهنجو انگُ،
برھ ڪئو بيران بُت، دل کي لڳو ڪو ٻاڻُ، ٻنگُ.

هڪ پاسي منجهس وصل جي بيتاب ڪندڙ آرزو هئي تہ ٻئي طرف ميلاپ جي رستن تي مجبورين جي بارودي سرنگهہ هئي، جنهن کي اورانگهڻ هِن پاڪباز، شريعت ۽ طريقت جي ڌڻيءَ لاءِ بيحد ڪٺن هو:

دل ضعيفن جي هٽايو تو ڏئين ڏاڍن جي هٿ،
پو مٿي رندن رٺارين، توتي ڇئہ ڪهڙو قصاص.

خليفو گل محمد گل تصوف جي قادري سلسلي جي نسبت سان وحدت الوجودي فڪر جو شاعر ۽ صوفي لا ڪوفي هو.هي اهو دور هو جنهن ۾ ماڻهن تي مذهب جو وڌيڪ اثر هو. سنڌ جا ماڻهو نہ رڳو تصوف جا وڌيڪ قائل هئا، پرهنن تي صدين کان وٺي تصوف جو نشو چڙهيل هو.اهو ئي سبب آهي جو خليفي گل سنڌي غزل جي ابتدائي سفر ۾ ئي توحيد، رسالت، حقيقت ۽ مجاز جون انوکيون منزلون طئي ڪيون آهن، ۽ فڪر جي آڪاش تي اوچي اڏام پري آهي. تخليق جي هيءَ منزل فن ۽ فڪر جي گڏيل وجدان جو اعليٰ مظهر آهي، جو هن انهن سڀني موضوعن کي اهڙي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

انداز ۾ بيان ڪيو آهي جو غزل جو اصلي روح ۽ مجاز قائم رهيو آهي.( 6)

دل ابتدا ۾ ذڪر ٿئي، وچ ۾ فنا ۾ فڪر ٿئي،
آخر ٿئي ٿي سا بقا، جيڪين چوان سو آهه دل.
دل ڪي اول ٿئي شهود رَويَت ۾ ٿئي ثابت وجود،
آهي سا گل باغِ لَقا، جيڪين چوان سو آهي دل.

ڏسجي ٿو فارسي غزل ۾ وحدت الوجودي صوفي شاعرن : فريد الدين عطار (1145ع ـ1221) ۽ مولانا جلال الدين روميءَ (1207ع 1273ع ) جي روحاني وجدان جي معرفت عوام ۾ پنهنجيون پاڙون مضبوط ڪيون هيون، ۽ ٿوري ئي عرصي اندر فارسي غزل نندي ڪنڌ جي تاسارن مئڪدن ۽ برهه جي بارگاهن تائين وڏي رسائي حاصل ڪري چڪو هو.

انهيءَ ساڳي تسلسل ۾ خليفي گل محمد ”گل“ جو عارفاڻو سگهندُ سنڌي غزل لاءِ اهو ٻاجهارو آشيرواد هو، جنهن ڪان پوءِ سنڌي غزل ڪي سنڌ جي شاعريءَ جي ڪيتر ۾ تيزيءَ سان پکڙجڻ ۽ سنڌ واسين ڪي گيڙو رنگ ۾ رچڻ جو ڄڻ ته پروانو ملي چڪو هو.

“ڪليات سانگي“جي مقدمي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، الائي ڇو اهي سڀ تعريفون ٽالپر شهزادي مير عبد الحسين خان سانگيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيون، جن جو پهريون حقدار خليفو گل محمد ”گل“ هو. ڪتبخانن جي ڪٻٽن مان“ديوان گل“ آسروند اکين سان ڪيس ڏسندو رهيو، پر ڊاڪٽر بلوچ جي پارس هٿن جو ڇهاءُ ماڻي نه سگهيو !

مير عبدالحسين خان سانگيءَ جي ڪلام جي مقدمي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، خليفي گل لاءِ بيحد مختصر ۽ محتاط راءِ ڏيندي لکيو آهي : ”قدماء ۾خليفو گل محمد ”گل“ پنهنجي رمز ۾ يگانو هو. هُن پنهنجي ڪوشش ساڻ ڄڻ نج سنڌي غزل جو مجسمو تيار ڪيو، ۽ ان ۾ساهه وڌو، مگر اهو غزل اڃان ڄڻ ٻارڙو هو ۽ پڻ رنگين لباس جي زيب زينت ڪان محروم هو.“(7) ان راءِ جو آخري جملو : ”مگر اهو غزل اڃان ڄڻ ٻارڙو هو ۽ پڻ رنگين لباس جي زيب زينت ڪان محروم هو.“ فريادِيءَ تي جرح ڪرڻ جي برابر آهي.

دل جي حضور سان ڏسجي ته، ”ديوان گل“ مجاز ۽ حقيقت جي گيڙو رنگ ۾ رڱيل آهي. تصور ۽ تخيل، معروضيت ۽ موضوعيت، داخليت ۽ خارجيت، ۽ حقيقت ۽ مجاز جا رنگ سندس غزل جي قالب ۾ ايڏو ته پيهي ويا آهن، جو انهن ڪي ڌار ڪري پرکڻ لاءِ هڪ سجاڳ ذهن ۽ حساس دل جي ضرورت ته آهي، گڏوگڏ ان دل ڪي خليفي گل جي غزل جي پرک ڪرڻ ڪان اڳ عشق ۾ رچي ريٽو به ٿيڻو آهي:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي ڪُنا تنهنجي محبت عشق جي تڪبير سين،
سر ڏئو سرها ٿين، صادق نہ ٿا چورين چنگ.

*

ٿا پيين عاشق خوشيءَ ۾شوق جي رت جو شراب،
ٿا پچائن پاڻ پنهنجو، ڪئو جگر جيرو ڪباب.

غزل جي مٿين شعرن ۾ خليفي گل جي شخصيت ۽ فڪر جا جيڪي نظارا نروار ٿين ٿا، اهي سڀ سندس حقيقي عشق جي گواهي ڏين ٿا.اهڙي ريت ابتدائي سنڌي غزل جو سمورو حسن ۽ تجلو خليفي گل محمد ”گل“ جي فني خصوصيتن جو ئي حوالو آهي، جن کي مون، سماجي، فڪري ۽ ادبي ۽ فني خصوصيتن جا عنوان ڏئي، واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.منهنجي ان ڪوشش جي پٺيان هڪ مقصد اهو بہ آهي تہ جيئن ڪو بہ مهان شاعر ڪنهن نئين ٿهيءَ جي شاعر جي غزل جي ڪنهن اثرائتي شعر تي ”ديوان گل“ قربان ڪرڻ جي جلدبازي نہ ڪري سگهي.

## سماجي خصوصيت:

خليفي گل محمد ”گل“ جي سماجي شعور جي اها وڏي خصوصيت آهي تہ، هُن عربي ۽ فارسي سکڻ جي باوجود تخليقي اظهار لاءِ پنهنجي مادري ٻولي ”سنڌي“ اختيار ڪئي، ۽ فارسي غزل جي مضبوط روايت تي هلڻ جي بدران سنڌيءَ ۾ غزل لکي هيئت جي لحاظ کان هڪ نئين ادبي تحريڪ جو بنياد وڌو، جيڪا پنهنجي جوهر ۾ شاهہ لطيف جي فارسيءَ جي بالادستيءَ جي خلاف مزاحمت جو سياويڪ تسلسل آهي.

ٽالپر سرڪار جي فارسي نوازيءَ واري دور ۾ خليفي گل جي اهڙي سياويڪ قدم سان سنڌي سماج ۾ سنڌي ٻوليءَ کي وڏو اعتماد ۽ ڦهلاءَ حاصل ٿيو، ۽ اها خليفي گل جي فن ۽ فڪر جي وڏي حاصلات آهي، جنهن سنڌي سماج کي سنڌي ٻوليءَ جي بنيادن تي بيهارڻ جي عمل ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. ان لحاظ کان ڏسجي تہ، خليفو گل محمد گل، شاهہ لطيف جي قومي شعور جي ٻاريل لاٽ مان ٻرندڙ ڏيئو آهي، جنهن پنهنجي وجود ۽ فن کي سنڌيت جِي روشني پکيڙڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو.

شاهہ لطيف ۽ آخوند گل محمد ”گل“ جي وچ ۾ هڪ صديءَ جي وڇوٽي آهي، پر سندن سوچ ۽ تخليقي مقصد ۾ هڪ پل جي بہ وٿي نہ آهي. شاهہ لطيف جي ساجاهہ جي اننت دامن ۾ سنڌ جي هزارن سالن جي لوڪ شعر جو ذخيرو سمايل هو، جيڪو ڏوهيڙي، ڳاهہ، بيت، ڪافي ۽ وائيءَ جي صورت ۾ موجود هو، جيڪو فني

لحاظ ڪان ماترڪ سرشتي تي ٻڌل هو.

شاهه لطيف علم عروض جي واقفيت رکندي به پنهنجي ڪلام لاءِ ماترڪ نظام قائم رکيو، ۽ سنڌ جي مقبول شعري هيئت "بيت" ۽ "وائي" کي اهو عروج عطا ڪيو، جنهن اڳيان علم عروض جا سڀ قائدا ۽ اصول دنگ رهجي ويا. بيت ۽ وائيءَ جي گهاڙيٽي ۾ عظيم شاعري سنڌ جي باشعور عوام جي دلين ۾ لهي چڪي هئي، پر سرڪاري سطح تي مدح سرائي فقط فارسي غزل لاءِ وقف هئي، نتيجي ۾ فارسي غزل سماجي ۽ ادبي مرتبي جو هڪ معيار بڻجي ويو هو، جنهن ڪري مڪاني حاڪمن جي، احساس ڪمتريءَ ۽ غلاماڻي ذهنيت جي ڪري جيڪا ناڪاري روش سنڌي ٻوليءَ سان اختيار ڪيل هئي، اها ئي سنڌي شاعريءَ سان به قائم رهي.ان لحاظ کان ڏسجي ته فارسي غزل، سنڌ جي ساڃاهه جي ترقيءَ جا رستا روڪي ڇڏيا هئا، جڏهن ته سنڌي شاعريءَ جي بلند پرواز پکين کان آسمان کسيو ويو هو.

خليفي گل محمد "گل"سنڌي شاعريءَ جي اهڙي بندش جي خلاف خاموشيءَ سان غزل جي گهر ۾ جنم ورتو. جيتوڻيڪ "ديوان گل" جو فڪري محرڪ ۽ محور "شاهه جو رسالو" نظر اچي ٿو، جنهن جا انيڪ اهڃاڻ "ديوان گل" ۾ موجود آهن، پر مٿي بيان ڪيل صورتحال جي پيش نظر خليفي گل پنهنجي تخليقي اظهار لاءِ بيت ۽ وائيءَ جي بدران غزل جي هيئت کي ترجيح ڏني. خليفي گل جي انهيءَ حڪمت کي آئون تاريخي تناظر ۾ فرعون جي گهر ۾ حضرت موسيٰ جو جنم سمجهان ٿو. تاريخ جي ڪنهن به موڙ تي ڪنيل وقتائتو ۽ صحيح قدم پنهنجي منزل ضرور ماڻي ٿو. خليفي گل جي معروضي ادراڪ جي سوڀ انگريزن جي دور ۾ ٿي ۽ هن پنهنجي حياتيءَ ۾ فارسيءَ جي فرعون جي تڏا ويڙهه پنهنجي اکين سان ڏٺي. شاهه لطيف ۽ خليفي گل محمد "گل" جي ڪيل جدوجهد جي ڪري فارسيءَ جي هزار سالن جي هڪ هٽيءَ جي پنجوڙ مان سنڌ ۽ سنڌي علم ادب کي آجائپ حاصل ٿي. مان سمجهان ٿو ته ادبي ڪائنات ۾ اهڙا گهٽ فرد هوندا، جن کي تاريخ ائين سرخرو ڪيو هجي، يا جن کي حياتيءَ ۾ ئي پنهنجي جدوجهد جو سچاويڪ ڦل مليو هجي.

## فڪري خصوصيت:

"ديوان گل" هڪ شريعت جي صاحب، هڪ وجودي صوفي،هڪ عاشق ۽ سماج جي هڪ سڄاڳ شاعر جي مشاهدن، تجربن، سوچن ۽ ڪيفيتن جو دستاويز آهي.ادبي اصطلاح ۾ خليفي گل جي شاعري شريعت، طريقت، وجوديت ۽ رومانويت



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي گڏيل فڪر جي پيداوار آهي.جيڪڏهن غالب فضا جي ڳالهه ڪجي ته متس شريعت ۽ طريقت جي فضا وڏيڪ ڇانيل آهي،ڇاڪاڻ ته هو پير علي گوهر شاهه ”اصغر“ جو مريد به هو، جنهن طرفان کيس خلافت جي پڳ به عطا ٿيل هئي، تنهن ڪري سندس غزلن ۾ اخلاقي درس جو پرچار عام ملي ٿو، پر جيئن ته سندس ٻتيهه دليون مجازي عشق جون به سلامي هيون، تنهنڪري هو ڪلام ۾ ظاهر پرستيءَ جي بدران ڪل مذهبن جي باطني معنويت کي ترجيح ڏئي ٿو، ۽ اهو مجاز ئي آهي جيڪو ذهن ۽ دل کي ڪائنات جيڏي وسعت عطا ڪري ٿو، جنهن ڪان پوءِ انسان جي بصيرت حقيقت ۽ معرفت جا اهڃاڻ پسي ٿي، ۽ کيس حق جو درشن نصيب ٿئي ٿو ۽ هر طرف تون ئي تون جي تنوار ٻڌڻ ۾ اچي ٿي:

حاجي منجهه عرفات ڇئي لبيڪ ۽ سعديڪ کي،
گبر منجهه گرنار ٻولَي تونهين تونهين تونهين تون.
مفتي ۽ قاضي پڙهن ٿا وعظ، وجهن ڏپ ڏاءَ،
شيخُ سوريءَ پار ٻوليَ، تونهين تونهين تونهين تون.

*

سپ سلامي آهن صاحب جا،
گلَ، مسلمان ڇا جي هندو سکَ.

خليفي گل محمد گل جي مذهبي رواداري ۽ وحدت الوجودي فڪر سان سلهاڙيل شاعري ميرن جي سياسي ابتري ۽ مذهبي سخت گيريءَ واري دور ۾ سنڌ جي سماج کي بنياد پرستاڻي روش ڪان محفوظ رکڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي نظر اچي ٿي. ان لحاظ ڪان سندس غزل جي شاعري نندي ڪنڌ جي اصلوڪي پڳتي ۽ صوفياڻي فڪر جي نمائندگي ڪري ٿي، جنهن جي اثر هيٺ اپڪنڌ جي اڪثر عوام ذات پات، ڌرم مذهب، ريتن رسمن ۽ علائقائي سڃاڻپ جي حد بندين کي ٽوڙي اڳتي وڌي انسانذات کي ياڪرن ۾ پريو آهي. خليفو گل پنهنجي فڪر ۾ روادار آدرشي معاشري جو آرزومند آهي. هو روحانيت جي شاهراهه تان گذرندي تاريخي شعور ۽ سُرت ڪان غافل نه ٿو ٿئي. هو مجذوب يا ولي نه آهي.هو سمجهي ٿو ته زماني جو عام فرد ذهني محدوديت جو بنديوان آهي، ان ۾ ايترو ساهس نه آهي ته صنعان ۽ منصور جي رمز پروڙي سگهن، تنهن ڪري عام زماني سان روحاني وجدان جون ڳالهيون ڪرڻ اجايو آهي، ان ڪري شاهه لطيف، سچل ۽ ساميءَ جي آدرشوادي فڪر سان جڙيل هي نيازمند عاشق اناالحق سان پنهنجي شعور جو تعلق جوڙي ٿو :



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صُنعان جي ذلت جي، منصور جي ملت جي،
مُلن سين مام ٻولڻ آهي عبث آهي عبث.

## ادبي ۽ فني خصوصيتون:

خليفي گل جي عروضي ڪلام ۾ نج سنڌي لفظ ڪم آڻڻ جي خصوصيت اهم آهي.سندس ڪلام ۾ ڪي اهڙا به لفظ آهن جيڪي اساسي شاعريءَ ۾ به ڪتب نه آيا آهن، ان مان سندس سنڌي ٻوليءَ سان عشق جي پروڙ پئي ٿي.

سندس 175 غزلن ۾ فارسيءَ جي هڪ به سٽ يا ٽُڪ ڪتب نه آيل آهي. ويتر هن فارسي غزل ۾ مروج اصطلاحن ۽ مخصوص ترڪيبن کي تز سنڌي لفظن ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ ديوان جي حاشين تي اهي فارسي لفظ ۽ اصطلاح ڏنا آهن ته، جيئن ڪو به شاعر سنڌي غزل نه لکڻ جو ڪو جواز يا عذر پيش نه ڪري سگهي.

سندس غزلن ۾ ديسي هنرن ۽ ڪاريگرين جو ذڪر ڪثرت سان ملي ٿو، اهڙي طرح هن پنهنجي غزل ۾ سنڌي ماحول جو بنياد وڌو.

خليفي گل سنڌ جي مقبول ۽ مشهور لوڪ ڪهاڻين مان تلميحون بيان ڪري، ۽ سسئي، سهڻي، مارئي ۽ پنهون، ميهار ۽ راءِ ڏياچ جو ذڪر ڪري سنڌي غزل جون پاڙون سنڌ ڌرتيءَ سان مضبوط ڪيون.

خليفو گل پهريون شاعر آهي جنهن سنڌ جي قديم مروج ۽ مقبول صنفن وائي ۽ بيت جي بدران سنڌيءَ ۾ هڪ نئين صنف غزل تي طبع آزمائي ڪئي، ۽ ان جي هيئت ۽ فن جي سمورين گهرجن کي پورو ڪيو، ۽ فني نقط نگاهه کان غزل جي مروج توڙي غير مروج بحرن تي طبع آزمائي ڪئي.هن ننڍن توڙي وڏن بحرن ۾ موسيقيت، خيال جي وسعت، شعريت ۽ لطافت کي هڪ جيترو قائم رکيو آهي.

هن فارسيءَ جا ڏکيا بحر : ”بحر خفيف“ ۽ ”بحر رمل مڪفوف“ به ڪم آندا آهن، جنهن مان سندس علم عروض تي پوري دسترس ثابت ٿئي ٿي، البت هن ڪٿي ڪٿي وزن کي قائم رکڻ لاءِ لفظن جي ساڪن ۽ متحرڪ بيهڪ کي نظرانداز ڪيو آهي.

خليفي گل قافيي جي معاملي ۾ تمام گهڻي سختيءَ کان ڪم ورتو آهي. قافيي جي آخري هڪ حرف جي بدارن ٻن حرفن جي اعرابن کي قائم رکڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي وئي آهي.اهڙي سختگيري خاص ڪري ٻن حرفن تي لاڳاپيل قافيي ۾ شدت سان محسوس ٿئي ٿي، پر اهڙي جفاڪشيءَ مان به گهڻي قدر وڃي پار پيو آهي :

جي طلب توکي خدا جي منجهه اُيت پئي ٿي سُيت،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

خوف ۾ خوش، بي ڊپو ٿي، رک خوشيءَ ۾ ڊاءُ ڊڄُ
رنگ هڪ ۾ روپ ڪئين آهن تجلّيون سوَ هزار،
منجهه ڪکر لڙُ، واچ آهي مينهن آهي گاج، وِڄُ

ادبي سطح تي ڏٺو وڃي ته خليفي گل هڪ وقت انيڪ اهم ذميواريون پنهنجي سر تي کنيون آهن، جيئن سنڌيءَ ۾ غزل لکڻ، فارسيءَ جي شعري ماحول کي اختيار نه ڪرڻ، ديسي منظر نگاريءَ کي ترجيح ڏيڻ، نج سنڌي ترڪيبون، محاورا، تشبيهون ۽ استعارا ڪتب آڻڻ، ۽ سنڌي صورتخطيءَ جي اکرن تي ديوان ترتيب ڏيڻ.اهي سڀ ڪم اوکا، پر تخليقي سطح تي ديوان ترتيب ڏيڻ سڀ کان اوکو ڪم آهي، ڇاڪاڻ ته ان لاءِ شعري آمد ۽ ڪيفيت جي بدران شعور جو عمل دخل وڌي وڃي ٿو، ۽ خاص ڪري سنڌيءَ جي ٻاونجاهه اکرن تي قافيا قائم ڪرڻ ڪو سولو ڪم نه آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌي صورتخطيءَ جا اکر فارسي ۽ اردو کان وڌيڪ ۽ تلفظ جي لحاظ کان ڏکيا ۽ دقيق آهن، پر انهن ڏکائين کي اورانگهي خليفي گل اڪثر غزلن جا قافيا ۽ رديف ٺيٺ سنڌي استعمال ڪيا آهن. اهڙي طرح هن سنڌي غزل ۾ سنڌيت جي هڳاءُ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ نه فقط هو پاڻ سوڀارو ٿيو، پر ڪانئس پوءِ ايندڙ شاعرن انهيءَ همواريل راهه تي سفر ڪري سنڌي غزل کي مڪمل سنڌيت جي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو.

ڏيکاريو منهن لڪائين ٿو، سڄڻ ڇئه تون کهڙي باعث
سڪائين کي سڪائين ٿو سڄڻ ڇئه تو کهڙي باعث

*

تنهنجيون اکيون آهن سدا رنگ لعل سرخ،
چپ ماکيان ملوڪ مٺا رنگ لعل سرخ.
تنهنجا اندام سڀ گل لالا ۽ گل گلاب،
ميندي سين هٿ پير رتا رنگ لعل سرخ.

مردف غزلن جي رواني ۽ تغزل جي ڀرپوريت کي ڏسندي من ۾ هڪڙي ڳالهه پئي ٿي هُري ته، جيڪڏهن خليفو گل ٻين ذميواين تان هٿ نه ٻه کڻي ها، فقط ديوان جي ضابطي کان آزاد ٿي غزل لکي ها ته، ديوان گل جي تخليقي حيثيت "وڃون وسڻ آيون"کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه هجي ها. ان سلسلي ۾ شيخ عبد الرزاق راز پنهنجي ڪتاب "سنڌي غزل جو تجزيو" ۾ نهايت مناسب رويي جو اظهار ڪيو آهي، هو لکي ٿو : "گل سنڌي ادبي دنيا ۾ هڪ نئين ۽ انوکي عمارت جو معمار آهي، ۽ اهو سندس پهريون تجربو آهي، تنهن ڪري عمارت ۾ ڪي نقص ۽ خاميون رهجي وڃن ته انهن لاءِ گل تي الزام رکي نه سگهبو."(8)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اڄ سنڌ ۽ هند جو سنڌي غزل جنهن فني معيار، تخليقي پد ۽ فڪر جي اوچائيءَ تي پهتل آهي، ان ۾ خليفي گل محمد ”گل“ جي سجاڳ ذهن ۽ حساس دل جو بنيادي هٿ آهي. اها ڳالهه ان ريت به ثابت ٿئي ٿي ته خليفي گل محمد ”گل“ جي غزل جي ٻاريل لاٽ مان لاٽ ٻري آهي. سندس حياتيءَ ۾ مير عبدالحسين سانگي (1851ع ـ1924) جو جنم ٿيو، جنهن خليفي گل جي ٻاريل لاٽ، جيڪا ان وقت تائين جهيڻي ٿي چڪي هئي، ڪي نه فقط وسامڻ نه ڏنو، پر ان کي پنهنجي رت سان ٻاري شيخ اياز (1923ع-1997ع) ۽ نارائڻ شيام (1922ع ـ1989) جي حوالي ڪئي، جن جو جنم مير عبد الحسين خان ”سانگي“ جي حياتيءَ ۾ ٿي چڪو هو. نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز سنڌي غزل کي ايتريقدر گيڙو ويس ۾ رڱي ڇڏيو، جو اڳتي سنڌي غزل کي ڪنهن ٻئي رنگ روپ جي نه ڪڏهن ضرورت رهندي، ۽ نه فنا جو خوف رهندو، پر ياد رکڻ کپي ته، سنڌي غزل جي گيڙو ويس جي پهرين چٽسالي خليفي گل محمد ”گل“ ڪئي، جنهن کي جينيئس شاعرن نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز پنهنجي تخليقي تڪميل تي رسايو.

## حوالا


1. جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ”سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، پهريو ڇاپو، سال1980ع، ص: 24)
2. عبدالغفور سومرو، ”سنڌي غزل جي ارتقا“، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ڇاپو ٻيو، سال 1983ع،ص:47،48)
3. جوٽيجو،عبدالجبار، ڊاڪٽر، ”سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، پهريو ڇاپو، سال1980ع ص:80.
4. قادري، اياز، ڊاڪٽر، ”سنڌي غزل جي اوسر“، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، پهريون ڇاپو، سال1984ع،ص:7.
5. ميمڻ، محمد صديق، ”سنڌ جي ادبي تاريخ“، مهراڻ شڪارپور،چوٿون ڇاپو،سال 2005،ص:329.
6. قادري، اياز، ڊاڪٽر، ”سنڌي غزل جي اوسر“، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، پهريون ڇاپو، سال1984ع،ص:14.
7. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”ڪليات سانگي“، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، پهريون ڇاپو، سال 1969ع، ص : 62.
8. راز، عبدالرزاق شيخ، ”سنڌي غزل جو تجزيو“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،ڇاپو ٻيو، سال 2004، ص:27.


* خليفو گل محمد ’گل‘، ”ديوان گل“، محمد حسين پٽ محمد سليم ڪارخانو بمبئي، پهريون ڇاپو، سال1275 هه (سمورا شعر ديوان گل تان کنيا ويا آهن)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair